" جنهن جو ڌمان ڪيو ئي سونهي "

" لومڙيءَ جي آڪاڻي "

" جهرڪيءَ جو وير "

" جيڪو لڪيو اهوئي ڪاڻيو "

" ڪانگ ۽ نانگ "

ترڪيب ابتي ٿي وئي "

" شينهن سهي ڪان مارڪائي ويو "

" ٿي ميون "

" پنهنجي پنهنجي فطرت "

" بلبل ۽ مالهي "

" ويچارو واڻ "

" درياءَ ۽ بدڪ جو قصو "

" پولڙن ڪي نصيحت "

" سچي ڳالهه هميشه ڪڙي لڳندي آهي "

" نادان جي دوستيءَ جو جنجال "

" بيوقوف دوست جو قصو "

" لالچ بري بلا آهي "

" سچ جي چڪر ۾ ڪن به وڃايائين "

" راز کولڻ جو انجام خراب ٿيندو آهي "

" بادشاهن جي دوستيءَ ۾ خطرو آهي "

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute www.drpathan.com Page # 153

ريو آهي :

ڪهاڻيون :

---

| | |
|---|---|
| " ٻهادر منگول " ( چيني ڪهاڻي ) | مترجم حميد سرٻازي ايراني |
| " نيڪي ۽ جوتل " | ليکڪا طاهره سومرو |
| " ٻهادر ٻار " | حسين بخش چانيهو |
| " تڪبر جي سزا " | منظور علي چاڱ |
| " سڀئي انسان آهن " | زبيده ناز شورو |
| " ڏوئو ۽ ندي " | موتومل ڊي ايم راموائي |
| " پند - پورهيا " | |
| " پوڙهي جي نصيحت " | آمنه صديقه سومرو |

شاعري :

---

| | |
|---|---|
| " سهڻا ٻار " | فقير يار محمد ڪاهي |
| " جهرڪيون " | گوردن محبوباڻي |

Gul Hayat Institute

١٩٨٤ع ۾ " اڪبر جسڪاڻي " جو لکيل ڪتاب " ٻتين واري ناني " روشن تارا ساهت سرڪل ، حيدرآباد ، طرفان شايع ٿيو . ٻاهتر صفحن جي هن ناولٽ ۾ ٢٩ باب ڏنا ويا آهن : پڙهڻ کان پوءِ ائين ٿو لڳي ته ليکڪ پنهنجي آتم ڪهاڻي لکي آهي . ٻولي آسان ۽ عام فهم ڪم آندي وئي آهي . ان کان سواءِ سوانح جو موضوع ناولٽ کي وڌيڪ دلچسپ بڻائي ٿو .

١٩٨٤ع ۾ رضيه صديقي جو لکيل ڪتاب " پدي ءَ جو ٻچڙ " ، روشن تارا

Gul Hayat Institute www.drpathan.com Page # 154



ساهت سرڪل ، حيدرآباد طرفان شايع ٿيو. ٥ صفحن جي هن ڪتاب ۾ جملي ٻارنهن ڪهاڻيون آهن ، جهڙوڪ :

" پدي ۽ جو پڇر " ، " ماما ثغن جو روزو " ، " راڻيل " ، " نافرمان " ، " استاد جي استادي " ، " پڳل دري " ، " فقيري ويس ، " ڪبوترن جا آنا " ، نشي جو زهر " ، " مثالي ٻاٻل " ، " گلدم ۾ ٻادل " .

ڪتاب جي آخري ڪهاڻي " گلدم ۾ ٻادل " ترجمو ٿيل آهي . ليکڪا ٻولي آسان ڪم آندي آهي ۽ سند ساندا ز بيان نهايت دلچسپ آهي .

١٩٨٤ع ۾ ٻادل سومرو جو لکيل ڪتاب " جيتن جي ڪانفرنس " روشن تارا ساهت سرڪل ، طرفان شايع ٿيو ٥٨ صفحن جي هن ڪتاب ۾ ڪل ٩ ڪهاڻيون ڏنيون ويون آهن جن جو تفصيل هن ريت آهي :

" شرارتي ڪوئو ڪرڇولي "
چار چرم ۾ سانوڻ ٻڪري "
" جيتن جي ڪانفرنس "
" نيڪدل طوطو "
" شهباز خان ۽ فقير "
" ٻگهو ۽ بندرو - ٻه دوست "
" مرڪ ٻري ۽ ڊو د ڊرزي "
" مڪار گدڙ جو انجام "
" واپاري وليد اد " .

١٩٨٤ع ۾ " آزاد " جبار منگي جو مرتب ڪيل ڪتاب " روشن لطيف

Gul Hayat Institute www.drpathan.com Page # 155



پبلڪيشن نصيرآباد طرفان شايع ٿيو ـ ٣٨ صفحن جي هن ڪتاب ۾ هيٺيون متفرق مواد ڏنو ويو آهي :

دهاڙيون :

---

| | |
|---|---|
| " انتظار " | منصور ٿلهو |
| " روشني " | آزاد جبارمنگي |
| " محنت جو ڦل " | نصرعلي ڪلهوڙو |
| " ٻيجل جا ٻول " | رياض ساگر |
| " سدا " | سعيد احمد ٻٽي |

شاعري :

---

| | |
|---|---|
| " حقيقت علم " | سومرو محمد صالح |
| " نصيحت " | وزيرعلي شاد |
| " پيغام " | محمد ملوڪ عباسي |
| " سهڻا ٻار " | علي شبير مورائي |
| " آزاد نظم " | عاجز سنڌي |
| " سڄاڳ ٻار " | رفيع احمد لغاري |

مضمون :

---

| | |
|---|---|
| " پنڌڙي " | سڪندرعلي مگسي |
| " ائيندڙ جوابو " | ڊاڪٽر ڪئپٽن نوراحمد شيخ |

" نئون صبح " — شڪيل اياز
" انجام " — ابن گلاب مدخ
" سپ ڪان سٽي راند " — منصور گوهر
" ٻهن لاءِ جيئو " — مس شبنم قريشي
" اڌوري خواهش " — اسرار احمد عاجز
" اتفاق ۾ نفاق جو نتيجو " — رسول بخش همراهي

شاعري :

---

" هي گلابي گل ڏس " — شميره اياز
" شاگرد کي خطاب " — گدا ملاڪ تياري
" لولي " — مس ظل هما

طنز و مزاح :

---

" اجها اسڪاءِ لئب آئي " — علامہ اڌ مفري عليہ ما عليہ

مضمون :

---

" علم جي شمع " — گورڌن داس لهاڻا
" زندگي ۽ انسان " — ايف اقبال .

١٩٨٥ع ۾ " لالي پبليڪيشن " حيدرآباد طرفان " مريد پنهور " جو لکيل ڪتاب " جي ڊ ورڊ نيا جا " شايع ٿيو ١٤٠ صفحن جي هن ڪتاب جو سهيڙيند ڙ آغا نيوڙ آهي . هن ڪتاب ۾ " ٻن هزار سالن جي تاريخ " جو ذڪر ڪيو ويو آهي .

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute www.drpathan.com Page # 160

١٩٨٥ع ۾ " تنوير جوڻيجو " جو ترجمو ڪيل ڪتاب " ٻارن لاءِ جونيد آڪاشين
انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي ڄامشورو طرفان شايع ٿيو ٤٧ صفحن جي هن ڪتاب ۾ جملي ٻارهن
ڪهاڻيون ڏنيون ويون آهن جيڪي هي آهن :

" عقيمد وست " ، " ٻهار جو نغمو " ، " ڏيڍر شهزادو " ، " عقلمند عورت "
" ڪاڙهو ڪموڙو " ، " ساموئيل ڏيوتا " سفيد هاٿي " ، " مزار جو پٿر " ، " سمنڊ ۽
شهزادي ، " بغداد جو حيرت انگيز واقعو " ، وڏو ڏينهن شجي .

١٩٨٥ع ۾ " روشن تارا ساهت سرڪل حيدرآباد طرفان " الاهي بخش
ٻانيڻ " جو لکيل ڪتاب " قانون جي ڪاهم " شايع ٿيو . ٥٧ صفحن جي هن ڪتاب ۾
٩ ڪهاڻيون ڏنيون ويون آهن جيڪي هي آهن :

سونو هار

چور

شڪرپور

قانون جي ڪاهم

راند پڄڻ سان رهاڻ

هارڻ جيت

ننڍڙو ميمار

هيڏا هاڄا

گهڻيءَ ۾ وکڙ .

١٩٨٥ع ۾ " لطيف ادبي اڪيڊمي " ڪراچي ، مير پور ماٿيلو طرفان
ڊاڪٽر رحمت تنائي جو لکيل ڪتاب " چيلڙي وارو شهزادو " شايع ٿيو ٣٥ صفحن جي

Gul Hayat Institute www.drpathan.com Page # 161

هن ڪتاب ۾ ٻه ڪهاڻيون "درد جو دارون" ۽ "چيلهي وارو شهزاد" ۽ "ڌنيون ويون آهن

ڇهرئين ڪهاڻي تاريخي پس منظر ۾ لکي وئي آهي ۽ شاهه عنايت شهيد جي پيغام کي عام

ڪرڻ جي مقصد ٻڌايو ويو آهي ۽ ٻي ڪهاڻي ۾ ذهانت جي جهلڪ ڏيکاري وئي آهي.

١٩٨٥ع ۾ منصور ٿلهي جو مرتب ڪيل ڪتاب "لاٽ" لطيف پبليڪيشن

نصيرآباد طرفان شايع ٿيو ٤٢ صفحن جي هن ڪتاب ۾ هيٺيون متفرق مواد ڏنو ويو آهي:

ڪهاڻيون:

| | |
|---|---|
| "پنهجن جا ويري" | ڊاڪٽر نجم عباسي |
| "امڙ جڏهن آئون وڏو ٿيندس" | ڊاڪٽر غلام |
| "مترو آهين مچ" | سعيد ٻيٽي |
| "غريب جو موت" | حسن جوڻيجو ڏوڪري |
| "شاناٽي مٽي" | نظر سنڌي |

شاعري:

| | |
|---|---|
| "ونجهوٽي" | سرڪش سنڌي |
| "لولي" | آشمنا ٿن شاهي |
| "چوسٽو" | عاجز جمالي |
| "چوسٽا" | منٺار سولنگي |
| "ٻارانا ٻول" | تاشير جبار سومرو |
| "ٻجلي" | جوش ٻيٽي |
| "سچ" | سقراط سيتائي |

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute www.drpathan.com Page # 162

"آزاد نظم" — خ ـ ابڙو

"آزاد نظم" — منصور ٿلهو

"ٻارو" — صلاح چانڊيو

"سنڌي ٻار" — رڪيل مورائي

"شيڙو" — سومرو نور محمد نور

"علم" — حافظ بلال ٻروهي

مضـــــمون :

---

"شاهه عبداللطيف ڀٽائي" — احمد علي ٻوهڙ

"الا منڊ ڙمچي" — ادا فضل قاضي .

١٩٨٥ع ۾ "ثريا سوز ڏيپلائي" جو لکيل ڪتاب "چمڪند ڙچنڊ" روشن تارا ساهت سرڪل ، حيدرآباد طرفان شايع ٿيو ٥٨ صفحن جي هن ڪتاب ۾ جملي ستـ ڪهاڻيون ڏنيون ويون آهن ، جيڪي آهن :

"چمڪند ڙچنڊ" ، "ڏاڪو" ، "ميناءَ منصور جي ڪهاڻي" ، "دشمن مورجي آڪاٿي" ، "گل ۽ ڪنڊا" "۽ خدا جي مرضي" .

١٩٨٦ع ۾ "عبدالرحمان جتوئي جو ڪتاب "عقلمند صوبيدار" سنڌي ساهت سوسائٽي ڀٽي محلو شڪارپور سنڌ مان شايع ٿيو ـ ٩٢ صفحن جي هن ڪتاب ۾ جملي ٢٥ ڪهاڻيون ڏنيون ويون آهن جيڪي هي آهن :

انسان ۽ شينهن ، شهزاد و۽ ماڙي ، عقل ۽ سنڌس خوراڪ ، سياڻو چيرو ، رافع ۽ سمره جي ڪشتي ، حضرت سليمان عليه جي عقلمندي ، واعدي وفائي ، باد شاهه ۽ سندس وزير ، خوشامدي وزير ، چورمينا ، ٽي نوجوان ، ترڪستان جو باد شاهه ۽ سندس

اعظم، بدلو، عقلمند صوبيدار، ڏاهوءِ بهادر ڇوڪرو، بغداد جو حجم، بادشاهه ۽ لالچي امير، بادشاهه ۽ سنڌس ٽي پٽ، گهوڙيسواريءَ ستل ماٺهو، مظلومن سان مدد ڪرڻ عبادت آهي، هوشيار نوجوان، وزيرءِ ڏاڙيل جو پٽ، چورءِ سندس پٽ، گوشه جا سپاڻ ماڻهو، قاضي جي عقلمندي، بي وقوف، ماءُ جي محبت، واپاريءِ سندس گهٽيل گهوڙي، نانگءِ انسان، گهوڙوءِ هرڻ، اڻ پڙهيل پيءُ ۽ پڙهيل پٽ، شينهن ۽ لومڙي، سخي بادشاهه ۽ حاضر جواب مهاڻو، چغل خور غلام ۽ مالڪ، جاهل قاضي ۽ سندس استاد."

هي ڪهاڻيون گهڻو ڪري اسلامي تاريخ جي پس منظر ۾ لکيل آهن ۽ سنڌيءَ ۾ ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ مان ترجمو ڪيون ويون آهن، ڪهاڻين جي ٻولي آسان ۽ عام فهم آهي. موضوع نهايت دلچسپ ۽ وندرائيندڙ آهن.

١٩٨٦ع ۾ " لالي پبليڪيشن " حيدرآباد طرفان " موهن ڪلپنا " جو لکيل ناٽڪ " هندستان جڏي وڃو " هيمون ڪالاڻيءَ جي شهادت تي " شايع ٿيو ۴۸ صفحن جي هن ڪتاب جو ڇپائيندڙ آغا قيوم آهي.

Gul Hayat Institute

# ٻـــارن جـــي ادب جو تجزيو ۽ تنقيدي جائـــزو

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute www.drpathan.com Page # 165

# باب ٽيون

## ٻاراڻي ادب جو تجزيو ۽ تنقيدي جائزو

اڳئين باب ۾ ٻاراڻي ڇاپي ادب جي اوسر جا تفصيل، انهيءَ راهِ قائم ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿا ته اطمينان جوڳي نه هوندي به سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻاراڻي ادب جي اوسر ٿيندي رهي آهي. انهيءَ اوسر ۾ سڀ کان اهم ۽ مانائتو حصو انسان جي ليکڪن ۽ شاعرن جو آهي، جن پنهنجي جذبي ۽ جوش کي ڪم آڻيندي انفرادي طور تي يا وقتي نوعيت جا اشاعتي ادارا قائم ڪري پنهنجي ٻوليءَ جي جهولي ڀرڻ ڀري آهي ان کان پوءِ تجارتي نوعيت وارن اشاعتي ادارن ڀاڱ ملهايو آهي ۽ پنهنجي مالي خواهه تجارتي مفادن کي ڏيان ۾ رکندي سنڌيءَ ۾ ڪيترا ڪتاب ڇپي شايع ڪيا آهن. پر سڀ کان مايوس ڪن ۽ ڏکوئيندڙ رويو سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارن جو رهيو آهي، جن وسيلن ۽ ذريعن هوندي به ٻاراڻي ادب جي اوسر لاءِ ڪا به مستقل نوعيت جي رٿا شروع نه ڪئي آهي.

هن وقت تائين شايع ٿيل ٻاراڻي ادب جو تنقيدي مطالعو ٻن زاوين کان ڪري سگهجي ٿو: پهرين رخ ڇپائيندڙن جو مجموعي تجزيو ڪري، اهو ڄاڻڻ جنهن سگهجي ٿو ته قدر جي لحاظ کان ٻاراڻو ادب ڪهڙي منزل ۽ موڙ تي پهتو آهي.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com Page # 167

اضافت سميت چارٽ مطابق مواد ترجمو ٿيو آهي . ان هوندي به اهڙي صورت حال هوندي به ٻاراڻي ادب ۾ ترجمن جو جوڳو اضافو ٿيو آهي. مثال طور جيئن هن ٻولي وار ترجمن جو مختصر وچور ڏاهيو ته اهو هن ريت ٿيندو :

انگريزي ادب "خزانه" (محمد بخش جوهر- ١٩٥٦ع)، "دوستي جي هار" (محبوب علي - ١٩٨١ع) .

روسي ادب : "باهه وارو پکي" (منظور ظفر- ١٩٤٨ع)، ٻه دوست " (الطاف سنڌي - ١٩٤٥ع)، "شينهن ۽ دتو" (علي محمد سومرو - ١٩٤٥ع)، "گل هه جون سوچون" (حاده منگي - ١٩٤٦ع) . "سياڻو درزي" (اشود ڪمار- ١٩٤٦ع)، "ماڪي جي ديواني لوهٺي" (الهداد ٻروهي ١٩٤٩ع)، "ڏيڍر شهزادي" (رفيق سومرو- ١٩٤٢ع)، "نانگ ۽ خواب" (١٩٤٦ع).

جرمن ادب "گرم جون آڪاٺيون" (خانصاحب مريد علي).

Gul Hayat Institute

جپاني ادب : "سوني زنجير" (حميد سنڌي - ١٩٤٩ع)، "دئي جي شادي" (جاويد شيخ - ١٩٤٦ع)، "چيري جا گل" (طارق ابڙو - ١٩٤٨ع)، "سمنڊ جي شهزادي" (عبدالرزاق شيخ - ١٩٤٢ع) "چنڊ شهزادي" (علي اڪبر ابڙو- ١٩٤٦ع) ، ۽ "سڪن جو سپنو" (فضل الرحمان - ١٩٤٨ع) .

فرانسيسي ادب : "سينڊ ڪلاڻ"

Gul Hayat Institute www.drpathan.com Page # 172

## تنقيدي تجزيو :

سنڌي ٻاراڻي ادب جو جائزو فني نقطہ نگاھ کان وٺي سگهجي ٿو. ان لاءِ هن هيٺ ڇهن صنفن جو تفصيلي تنقيدي جائزو پيش ڪجي ٿو. انهن ۾ شاعري لاءِ ڪتاب " سيان جا سبجل "، ڪهاڻي لاءِ ڪتاب " نادان زال "، ڊرامي لاءِ " ٺلوءَ جي شادي " ۽ ناول لاءِ " لاکو ڦلاڻي " جي چونڊ ڪئي وئي آهي .

### " سيان جا سبجل " ( شاعري ) .

سنڌي ادب ۾ ٻاراڻي شاعريءَ جي ڪميءَ ڪي محسوس ڪندي ، " گجب (گلن جهڙا ٻارڙا ) پبليڪيشن حيدرآباد ، ١٩٧٧ع ۾ سوسن مرزا جو لکيل شاعريءَ جو ڪتاب " سيان جا سبجل " شايع ڪيو ٣٥ صفحن جي هن شاعري جي ڪتاب ۾ ٻارن جي ذانءَ جو مڪمل مواد ڏنو ويو آهي . ڪتاب جو تفصيلي تنقيدي جائزو هيٺ ڏجي ٿو :

### ( الف ) " صنفون " :

هن ڪتاب ۾ سوسن مرزا ٻارن جي ذهني معيار ۽ رجحانن کي اکيان رکي ٻارن لاءِ نظم ، گيت ، لولي ، ٻاراڻا ٻول ، ٺيڙو ، دعائيہ شعر ۽ بيت تي طبع آزمائي ڪئي آهي .

سوسن مرزا پهرين شاعره آهي جنهن ٻاراڻي ادب ۾ شاعريءَ جي ڪتاب کي هڪ مجموعي جي صورت ۾ پيش ڪيو آهي . جنهن وقت سوسن مرزا جي شاعريءَ جو ڪتاب

شايع ٿيو هو ته هوءَ ان وقت ٻار ٻه ٻارائي وهيءَ مان گذري رهي هئي ، ٻار ٻارائي وهيءَ ۾ جيڪي ڪجهه محسوس ڪيو اٿس ، هوءَ انهن جذبن ۽ احساس ڪي شعرن جو ويس پهرائي ٻارن کي وندر ۽ سکيا جو ڏس ڏنو آهي .

( ب ) موضـــــوع :

---

سالن کان ٻار پنهنجي درسي ڪتابن ۾ لکيل نظمن يا گيتن کي آلاپي پنهنجي خوشيءَ جو اظهار ڪندا آهن پر سوسن مرزا انهن پراڻن گيتن ۽ نظمن کي ڇڏي ذهنيءَ ۽ فڪري مقصد کي سامهون رکي ٻارن ۾ سجاڳيءَ جو جذبو جاڳايو . جهڙي طرح " سورهيه ٻالڪ جو وچن " نظم ۾ ٻار جي عزم جو مثال هن طرح ڏني ٿي :

مان هرد يوار کي ڀاهيندس ،
نيهن ڌرتيءَ ساڻ نڀائيندس .
مان مانجهي مٺياڌار آهيان ،
مان پهلوانن جو ٻار آهيان .(۱)

پنهنجي ڌرتيءَ جي موجوده ماحول کي ذهن ۾ رکي حقيقتن کي اکيان رکندي پرماريت جي خلاف جنگ جوٽڻ جي ارادي جو اظهار نئين نسل جي ٻار واتان هئين ڪرائي ٿي :

---

(۱) سوسن مرزا : " سيان جا سيجل " گجب پبليڪيشن " حيدرآباد ، ۱۹۷۷ع ـ ص ۱ .

Gul Hayat Institute www.drpathan.com Page # 174

پريت اسان جي آهي سچ سان ،
جنگ اسان جي آهي ڪچ سان ،
سک جو سج ٻه اڀاريندا سين ،
ماري مچ ڪنداسين هڙ پرمار ،
اسين سنڌ جي نئين نسل جا ٻار ·(۱)

لولي ننڊ جو سنيهو آهي جنهن جي ذريعي ماءُ ٻارڪي مٺي ننڊ ۾ سهاري خوابن جي ديس ۾ پهچائي ٿي · پر سوسن مرزا لوليءَ ۾ به سجاڳيءَ جو سنڌ ڏئي ٿي ۽ ٻارڪي ننڍي هوندي ڪان ئي بهادريءَ جو سبق ڏيندائي ٿي · جابر ۽ ظالم اکيان ڏڏهن ٻه ٻجهڙ جو اسرار ڪري ٿي · جيل جي لوهي ديوارين ۾ بند شينهن جو انديشو گيت جي صورت ۾ ٻڌائي ڪيس ديس تان قربان ٿيڻ جو قسم ڏئي ٿي ۽ آئينده جا اهڃاڻ هن طرح ٻڌائي ٿي :

تون ديس ڏ روهي سڏ ٻين
۽ شايد مقتل ونڊ ڏين ·
پر سنهن اڻئي سوڀيا را
تون آڻ نه مڃجئين پيارا
۽ ان ڪان اڳ جو توکي
ڪو آزاديءَ ڪان روڪي

Gul Hayat Institute

---

(۱) سوسن مرزا : " سپان جا ٻهچل " گجب پبليڪيشن ، حيدرآباد ، ۱۹۷۷ع ، ۴۰ ص ·

ٿون مڙس مٿيرن وانگي

ڄجان قربان ڌرتيءَ تان

پنهنجا مينديءَ رتا هٿڙا

لولي ٿوڪي پٽڙا ـ (١)

سنڌو دريا جي پاڻيءَ تي پلجندڙ سنڌي ڀار دنيا جي هر ڀار سان دوستي رکي ٿو. ڌاري ڌوڄهي جي فرق کي مٽائي امن جو خواهان آهي. جنهن جو ذڪر شاعره سنڌ ن واتان هيئن چورائي ٿي :

ڌارا ڌوڄها سهڻا ٻار،

سڀئي آهن پنهنجا ٻار.

امن آشتي سان ٿئون پيار،

مورنه ڌنهن کان ڌريون ڌڪار.

ٿنهنجو دريا ـ منهنجو دريا

سنڌو دريا

Gul Hayat Institute

سنڌو دريا (٢)

ٻارن کي پنهنجي وطن جي محبت جو احساس هيئن ڏياري ٿي :

---

(١) سوسن مرزا : "سپان جا ٻيجل"، گجب پبليڪيشن، حيدرآباد، ١٩٧٧ع، ٦ ص.

(٢) ايضا ٩ ـ ص.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com Page # 176

سدا وسي ٿلُ

سدا هجي ٿلُ

سائو ستابو

ديس اسانجو

ديس اسانجو (١)

هن مجموعي ۾ شاعره ٻارن کي وند رائڻ ۽ سندن من ۾ خوشيءَ جا جذبا جاڳائڻ لاءِ ، بسنت بهار جي وڻندڙ موسم جي منظرنگاري اهڙي سهڻي ڪئي آهي جو بسنت جي موسم نه هوندي به ٻار پاڻ کي باغ ۾ گهمند و ڦرند و محسوس ڪري ٿو. نظم ۾ گلن ڦلن ، پکين ۽ پوپٽن جي نچڻ ٽپڻ ۽ قدرت جي نظارن جي منظر ڪشي هن طرح ڪئي ويئي آهي:

بسنت آئي

گلن تي پوپٽ

ڦرن گهرن پيا

نچن ٽپن پيا

جتي ڏسي آ

سڳند ڇائي

بسنت آئي (٢)

Gul Hayat Institute

---

(١) سوسن مرزا : " سپان جا سيجل " ، گجب پبليڪيشن ، حيدرآباد ، ١٩٧٧ع ، ص ١ .

(٢) ايضا ص ٨ .

Gul Hayat Institute www.drpathan.com Page # 177

سوسن ٻارن کي ڳڻتي وسيلي تعليمي سکيا ڏني آهي مثال هيٺ ڏجي ٿو:

چارءِ هڪ پنج
هلو ڏسون ٻارو
سھڻا پورا پورا
نديءَ ٽڙنڊ ڙ هنج (١)

انگريزي ٻوليءَ جي الفابيٽ کي سنڌي ٻوليءَ جي لفظن سان ملائي الفابيٽ هن ريت ياد ڪرائي ٿي :

پي • ڪيو • آر
اسان سنڌي ٻار
ڏين ڏکايون دل ڏکمن جي
سڀ سان رکون پيار •(٢)

سنڌو دريا ۾ جڏهن چاڙهه اچي ٿو ته ان جي هاڃيڪار تباهيءَ جو اثر ڪچي جي ڳوٺن تي پوي ٿو • ان ڏکوئيند ڙ واقعن کي محسوس ڪندي شاعره ٻوڏ کان متاثر ٿيل هڪ نينگريءَ جي دل ڏارينڊ ڙ صدا کي سنڌ سواتان هيئن چورائي ٿي :

پرسال جڏهن آيو هئين
تنهنجي لوڏ ٻرين لهرين ۾
نناڍڙي ادي لڙهي ويئي •

---

(١) سوسن مرزا : " سيان جا ٻيچل " ، گجب پبليڪيشن ، حيدرآباد ، ١٩٧٧ع، ٧ ص •

(٢) ايضا ٢٣ ص •

Gul Hayat Institute www.drpathan.com Page # 178

ماءُ جي هنج اجڙي ويئي
بابي کي ڏنهن نانگ ڏنگيو
هاءِ امڙ جو سهاڳ لٽيو
ٽوڪي پر ڊو رحم نه پيو ۰(١)

سوسن ٻاراڻين راند ين ۽ ٻاراڻن ٻولن کي پنهنجي نظمن جو موضوع بڻايو آهي جنهن ذري سنڌ سنڌم ٻارن لاءِ اوپرا ڪين آهن ۽ هوانهن ٽين مان جلدي متاثر ٿين ٿا جهڙوڪ :

چيڪلي پايون
پير گسايون
منڊ ملهايون
گڏجي ڳايون ۰(٢)

(ت) ٻـــــولـــــي :

---

سوسن مرزا جي شعرن جي ٻولي ، سادي ۽ رواني واري آهي ۽ جلدي ٻار جي ذهن ۾ ويهجي وڃڻ واري آهي۰ نظم اهڙا چونڊيا ويا آهن جنهن سان ٻار کي علومات ملي ٿي ۰ شاعره ٻاراڻن ٻولن ۾ ٻارن جي معصوم ، پيارين پيارين ڳالهين حرڪتن ۽ خواهشن کي سادي سلوڻي ۽ عام فهم ٻوليءَ ۾ پيش ڪيو آهي ۰ سنڌس ڏيترا

---

(١) سوسن مرزا : " سيان جا ٻيجل " گجب پبليڪيشن ، حيدرآباد ، ١٩٧٧ع
٢٧ ص ۰

(٢)

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute www.drpathan.com Page # 179

شعر لوڪ شاعريءَ جي ردم ۽ لئي تي ٻيڌل آهن. شعر وند رائيندڙ ب آهي ته معلوماتي پڻ جنهن مان سکيا ملي ٿي .

شاعره تشبيهه ۽ استعارن جي ذريعي پنهنجي ٻولي کي وڌيڪ سونهن ۽ سوڀيا بخشي آهي جنهن جي ڪري هن ڏنهن ڳالهه، واقعي ۽ احساس کي سهڻي نموني ۽ بيان ڪيو آهي جهڙوڪ :

(١)

مان شيهي جي ديوار آهيان

مان پهلوانن جو ٻار آهيان

(٢)

موتين جهڙو من اسان جو

ڏرتي ساري ڏن اسان جو .

(٣)

چوڻ وڃاتيون ٻڪڪان

ويچاري امان جون

(٤)

انگ اگهاڙا اڀ جان

منهنجا امان جا .

Gul Hayat Institute

(٥)

گلڙن ڦلڙن جهڙا اڏڙا

پنگڙين جان اٿئي چپڙا .

---

(١) سوسن مرزا : " سپان جا ٻيجل " ، گجب پبليڪيشن ، حيدرآباد ١٩٧٧ع ١ ص .

(٢) ايضا ۴ ص .

(٣) ايضا ١٣ ص .

(٤) ايضا ١٣ ص .

(٥) ايضا ٢٣ ص .

Gul Hayat Institute www.drpathan.com Page # 181



ڀڻي ۽ ڀاءُ جي رشتي کي ڪالهه ڏڪاريو ويو آهي جنهن جو مثال هيٺين ريت آهي :

ڀڻي الله رکي
ڏڏ جي ڄڻ ڏکي
سارو ڏينهن ڇڪي ٿي چلهه
اسان تي ڏري ٿي ظلم (١)

ماسيءَ جي رشتي سان نفرت جو اظهار ڪرايو ويو آهي حالانڪ سنڌي چوڻي عام چوڻي آهي تہ

" ماءُ نہ ويائي ماسي ويائي " يعني ماءُ کان پوءِ ماسي هڪ اهڙو محبت ۽ خلوص ڀريو رشتو آهي جيڪو ٻارڪي ماءُ جي نعم البدل محبت ڏئي ٿو.

" ٿيڙو " صنف ۾ " ناني " کي سلفي ڄڏيندي ڏيکاريو ويو آهي جنهن جو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

نانو ڇڏي پيو سلفي
ھلو ٻارو پاڻ ڪاٽون
شڪار پور جي ڪلفي.

ردم ۽ لئي کي قائم رکڻ لاءِ سلفي جو لفظ ڪتب آندو ويو آهي. حالانڪ ٻيا بہ ڪيترائي موزون لفظ آهن جيڪي ٻارن کي ڏئي سگهجن ٿا. سلفي نشي وار ٻرائڻ مهل ڪما ڇي ٿي. ٻارن کي نشي دار شين کان نفرت ڏڻ جا شعر ڏنا وڃن تہ جيئن ننڍي هوندي

---

(١) سوسن مرزا : " سيان جا ٻيڄل " ، گجب پبليڪيشن ، حيدرآباد ، ١٩٧٧ع
ص ٢.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com Page # 182



ڪان ئي هوانهن شين جي ويجهو وڃڻ به پسند نه ڪن ٠

شاعر پنهنجي دور جو مبلغ ۽ سماج سڌارڪ هوندو آهي شاعري ذهني پيڙا جو نچوڙ آهي ٠ شاعري ٻارن جي خيالن ۽ جذبن کي مناسب پاسي ڏانهن موڙڻ لاءِ وڏو ڪارائتو طريقو آهي ٠

مجموعي ۾ اخلاقي قدرن کي نظر ڪيو ويو آهي نه حمد ڏني ويئي آهي نه مولود جو ذڪر آهي اخلاقي قدرن سان مذهب اسلام جي محبت جو درس ملي ٿو ٠

**مقـــدمـــه صـدیـــت :**

---

هن مجموعي ۾ گيتن نظمن ۾ اکيتي وڌڻ ، کوڙڪي نندڻ ، سچ جو ساٿ ڏيڻ ۽ بهادري سان ڏرتي ءَ تان سرساهه صدقي ڪرڻ جهڙن موضوعن کي ڪنيو ويو آهي ٠ پنهنجي ديس جي اهم ۽ سورهيه ڪردارن کان آگاهه ڪيو آهي ٠ گيتن ۾ موضوع جي رنگا رنگي موجود آهي ٠ شاعره ٻارن جي معصوم ، پيارين پيارين ڳالهين ، حرڪتن ۽ خواهشن کي سادي سلوڻي نموني ۾ پيش ڪيو آهي ٠

Gul Hayat Institute

## " نادان زال " ( ڪهاڻي )

---

**تـعـــارف :**

---

اديب ۽ ليکڪ پنهنجي دور جو حساس فرد ٿئي ٿو ٠ معاشري جون خاميون ڏسي هو بيچين ٿي پوندو آهي ٠ تري ءَ تي بهشت جي ڏيکارڻ لاءِ هو پنهنجي قلم کي ڪم آڻيندو آهي ٠

Gul Hayat Institute www.drpathan.com Page # 187

## گفتگو :

جيئن تہ ڏهاڪي نهايت مختصر آهي ان ڪري گفتگو جي فني جزي کي پڻ انهي ۾ لوڻ برابر جڳهہ ملي سگهي آهي • هن فني جزي جي مطالعي ڪرڻ کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو تہ گفتگو ڪردارن جي شخصيت ۽ عمل تي ڀرپور روشني وجهي ٿي ۽ سندن ذهنيت خواهہ اندر جي اڌمن جي ترجماني ڪري ٿي •

مرد جي گفتگو نهايت مختصر پر اثر ۽ وقتائتي آهي ليڪن عورت جي گفتگو مان ڪٿي ڪٿي تقرير جو تاثر ملي ٿو ان جو هڪ مثال هيٺ ڏجي ٿو •

" بس، چو مون کي طعنا ڏئي رهيو آهين • اهو بہ ايترو جلدي پنهن جي ٻ پ کان وهنجاريانس ٿي نہ تہ وڏين پوڙهين کي اهو چوندي ٻڌو آهي تہ يا وهنجاري دائي يا وهنجارين چار پائر • ڪمبخت عورتن جو تہ ويو بہ ٻارن ٻچن سان واسطو آهي مرد ن جون وري بہ اڏيلو ساهہ آهي • الله نہ ڪري جو وچ ۾ وهنجڻ لڳين • وڏن ماڻهن جون ڳالهيون نتا مڃيون تڏهن ئي تہ عمرون گهٽ ٿيڻ لڳيون آهن • هر روز وهنجي سڄي طاقت تہ ٻاڻي ۾ وهائي ڇڏيون ٿا • "(١)

---

(١) محمد بخش جوهر : " نادان زال " ، حيدرآباد ، آر۔ايچ احمد اينڊ براد رس ، ١٩٦٦ع، ٢ ص •

مقصد يت :

جيئن اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي ته هيءَ ڪهاڻي ان مقصد لاءِ لکي وئي آهي ته ٻارن کي اهو ذهن نشين ڪرائي سگهجي ته علم مرد توڙي عورت لاءِ ضروري آهي، جيڏو هن عورت ذات کي انهيءَ زيور کان محروم رکيو ويندو ته ان جو سڄو اثر پوري معاشري تي پوندو ۽ چيو ويندو آهي ته ماءُ جي گود انسان لاءِ پهرين درسگاهه ٿئي ٿي ۽ ان جي شخصيت تي انهيءَ درسگاهه جو وڏو اثر ٿئي ٿو ۽ ان ڪري جيڏو هن ماءُ تعليم يافته هوندي ته معاشري کي سڌريل فرد ملي سگهندا ۽ اهي صورت ۾ انسان جا گهر جنت جي بدران جهنم بڻجي ويندا جيئن هن ڪهاڻي ۾ ذڪاريو ويو آهي.

"لاکوقلاڻي" (ناول)

سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ ڪهاڻين جا ڪتاب ته گهڻيئي نظر ايندا پر ناول نظر نه ايندو ۽ ناول نگاري جي ڪوشش ۾ مشهور سنڌي ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي ٻارن لاءِ هڪ ناول "لاکوقلاڻي" لکيو ۱۰۸ صفحن جو هي ناول "ڪتابي دنيا"، حيدرآباد، سنڌ طرفان ۱۹۸۲ع ۾ شايع ٿيو ۽ ناول جو تنقيدي جائزو هيٺ ڏجي ٿو :

ڪهاڻي :

ناول "لاکوقلاڻي" سنڌ جي هڪ بهادر رجوڏي جوان ۽ سورهيه

Gul Hayat Institute www.drpathan.com Page # 194



مان سنڌ س ڏٺڊ رنگائو چھرو تجلا پيوڏيند وهو ." (١)

لاکو نہ صرف سونل جي سونھن ۽ سوڀيا تي موهت ٿئي ٿو پر سنڌ س پورهيي ۽ محنت جو قدر ڪري ڪيس شادي ءَ جو پيغام ڏيئي ٿو جرهن جو مثال هيٺ ڏجي ٿو .

" نہ . . . نہ توهان ۾ ڏرتيءَ جي سڳند آهي . ساري سنڌ جي مٽي اوهان جي پيرن جي پٺي آهي . ٿورو رڪجي لاکو وري چوڻ لڳو تہ " سونل تون مون سان شادي ڪندين ؟ "(٢) سونل جي قدرداني جو بيو مثال هن ريت ڏئي ٿو :

" نہ ، نہ مون توهان جو قدر سچا ٿو آهيم توهان ڌرتيءَ جي سونھن سوڀيا آهيو ." (٣) .

پر سونل پنهنجي حال ۽ حيثيت کي ڏسي ڏنهن بہ خوشيءَ يا محبت جو اظهار نہ ٿي ڪري پاڻ ہي همتيءَ جو مظاهرو ڪري نماٿو عرض ڪري ٿي تہ :

" لاکا تون لچ پال آهين ۽ مان هڪ سي ورعورت آهيان پاڻ ۾ وڇن پارڻ جوست ساري نہ ٿي سگهان .

Gul Hayat Institute

---

(١) ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي : " لاکو ڦلاڻي " ، ڪتابي دنيا حيدرآباد ١٩٨٢ع ٣٣ ص .

(٢) ايضا ٣٤ ص .

(٣) ايضا ١٠٥ ص .

Gul Hayat Institute www.drpathan.com Page # 196



مرجڻو ٿيڻ ، پٽ تي پير ڏرڻ ، ڪوڙ ڏيون هڻڻ ، زبرزنگ آزيون نيزاريون ، جهڳا جهڻ ڪرڻ ، لوڙهيون هڻڻ ، گهوڪنٽي وجهڻ ، وڦلڻ ، پٽ ڏوئڻ ، مت ڪسڻ ، ساراهه جا پڊ پڙهڻ ، قسمت جا ڏٿي ، بي سرت ٿيڻ ، ڪرشمون ڪرڻ ، هڪو بڪو ٿيڻ ، ڏند ڀڃڻ ، سينو ساهڻ ، ڏيس ڪرڻ ، انجام پائڻ ، خرمستيون سهڻ ، تنگ اڙائڻ ، رت ست ڏيڻ ، ڇيهه ڇڄڻ ، ٻڌ واڻ ٻڌو ڪرڻ ، آسمان ڏارڻ ، هنيان ڦاڙ دانهون ڪرڻ ، ور وجهڻ ، ٺونٺا ڇهائڻ ، ريڙهه پيڙهه لڳڻ ، اتاولو ٿيڻ ، ڀڙ ڏجها ڏيڻ وغيره •

ناول جي اسلوب ۽ ٻوليءَ کي سمجهڻ لاءِ هن هيٺ هڪ اقتباس ڏجي ٿو •

" ها آئون ئي ڪوٽ ڏٺي لاڪوڦاڻي آهيان !! غريبن جو غمخوار ، هيٺن جو واهرو ۽ ديس جي لڄ آهيان !! "

" لاکا ٿون اسان ٿي ٿيرڪشي ٻنهنجي دليريءَ جي ڏاد ويهارڻ چاهين ٿو ڇا ؟ " (١)

" ها ، هر ظالم ٿي ور وجهڻ منهنجو ڪم آهي • "

گفتگو:

- ----------

ناول جا مڪالما ناول جي فن جي مطابق ڏنا ويا آهن • ناول اظهار

----------------------------------------

(١) ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي : " لاکوڦلاڻي " ، ڪتابي دنيا ، حيدرآباد ، سنڌ ١٩٨٢ع، ٦٥ ص •

## فطرت نگاري :

فطرت نگاري اهڙي ته وڻندڙ انداز ۾ ڪئي ويئي آهي جو ڪوئي به پڙهندڙ پنهنجو پاڻ کي فطرت جي حسين منظر ۾ محسوس ڪري ٿو مثال طور ڏجي ٿو.

"صبح جو سهانو منظر آهي. سائين ٻنين ۾ سنگ لهرائي رهيا آهن. ٿڌي مٺڙي هوا انسان ۽ ٻين ساهه وارن کي مست بڻائي ڇڏيو آهي. ٻنيءَ جي پرسان هڪ پاسي ڪان هارين نارين جون جهوپڙيون ٺهيل آهن. هاري ۽ هاريون سنگ لڻي ڀان رانئين رهيا آهن. نار ۾ ڪوڪري رهيو آهي لوڙهن مان پاڻي وهي موريءَ مان لنگهي، ٻنين کي تاري رهيو آهي. آسمان تي ڪڪر ڇانيل آهن، سڄي فضا تي ڇڙ مستي آيل آهي. ماڻهو خوشيءَ کان ساز وڄائي گيت ڳائي رهيا آهن. حيوان مڃ ۾ ڍاڍي ڪنڌ لوڏي جهومي رهيا آهن ته پکي به مٺڙيون لاتيون لنوي رهيا آهن" (١)

## مقصد پڻ :

ناول "لاکو ڦلاڻي" ان مقصد کي اڳيان رکي لکيو ويو آهي ته ٻارڙن ۾ بهادريءَ، شجاعت، جوانمرديءَ همت ۽ ڏکي وقت ۾ ٻين جي مدد ڪرڻ جو جذبو جاڳي. ناول پڙهو پڻ ٻارن کي ذهن نشين ڪرايو ويو آهي ته لاکو جڏهن ٻار آهي ته ماءُ کان روز پنهنجي ڏاڏي جي بهادريءَ جا قصا ٻڌي ٿو. ڏاڏي

---

(١) ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي : "لاکو ڦلاڻي" ڪتابي دنيا حيدرآباد ١٩٨١ع ٤٢ ص.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com Page # 203

اڳيئي سال ۾ قرض لاهي ڇڏيندا "(١)

جـــان مـــحـــمـــد :

---

جان محمد جو ڪردار پوري ڀرامي جي جان آهي. هن قسم جا ڪردار معاشري ۾ گهٽ پيدا ٿيندا رهن. هنن جي پيدا ٿيڻ سان معاشري جو ڪو به انسان دکي نه رهندو. جان محمد فضول خرچيءَ کي ننڍي ٿو سادگيءَ جي اصول تي هلڻ جي تلقين ڪري ٿو. شاديءَ لاءِ حڪومت جي لاڳو ڪيل قانون جي سمجهاڻي ڏئي ٿو زندگي سنوارڻ جا مثال ڏئي ٿو. تعليمي ميدان ۾ روشني جون راهون ڏيکاري ٿو. بي بي فاطمه الزهره جي سادگيءَ واري شاديءَ جا مثال ڏئي ٿو. پوري ڀرامي ۾ جان محمد جو ڪردار متاثر ڪندڙ آهي.

بـــچـــل :

---

بچل واحد ڌني جي ڌيءَ ۽ قلوءَ جي ماءُ آهي جيڪا پنهنجي مڙس جي همخيال نه آهي. هوءِ ڏيڻ ڏاج ۽ ڏاڍي ڪرڻ وارين عورتن مان هڪ آهي. جنهن کي مڙس جي پريشانيءَ جو فڪر نه آهي. پر سيني راڄن کي گهرائڻ تي ضد ڪيو ويٺي آهي. جنهن جو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

---

(١) "محمد الياس" هڙهٻو "جوکيو : "قلوءَ جي شادي"، آر-ايڇ احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد سنڌ، ١٩٥٩ع، ٤ ص.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com 



## مقصد :

هي ڪتاب انهيءَ مقصد لاءِ لکيو ويو آهي ته ٻارن ۾ اهو شعور پيدا ڪيو وڃي ته شادين مرادين جي رسمن تي جيڪا فضول خرچي ڪئي وڃي ٿي اها قوم ۽ معاشري لاءِ هاڃيڪار آهي ان سان گهر برباد ٿين ٿا . ان سان معاشرو تباهيءَ جي طرف ڌڪجو وڃي ۽ خوشين جي بدران غمن جي بوجهه هيٺ دٻجو وڃي . جي ذهن اهڙين رسمن کي پاڙون پٽي نه اڇليو ويو ته ڏيٺرن کي اهي ڏينهن ڏسڻا پوندا جو پنهنجا ابا ڏاڏا ڪٽ ٻين جي حوالي ڪري دربدر ٿي ڌڪا کائڻا پوندا . معاشرو سڌرڻ بدران بگڙڻ لڳندو ۽ ڪو به ترقياتي ڪم ٿي نه سگهندو .

فضول خرجي الڳ وهي وانگر معاشري جي قوت کي کائيندي رهندي ۽ ناجائز رسمون ٻي پاڙي ول ٻنجي معاشري جو ست چوسيندي رهنديون ۽ قوم جا فرد نستا نبل ٿي هميشه لاءِ تباهي جي ڪن ۾ ڪري پوندا ۽ سڄي حياتي قرض جي ادائگي ۾ ئي گذري ويندي ن جهڙي طرح هن ڪتاب ۾ ٻڌايو ويو آهي .

Gul Hayat Institute

# ٻاراڻي ادب جا خالق

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| "چنڊ ۽ ٻالڪ" | (نظم) | ماهوار گل ڦل اپريل ١٩٨٠ع |
| "عيد مبارڪ" | " | " نومبر ڊسمبر ١٩٨٠ع |
| "لولي" | " | " جون جولاءِ ١٩٨٢ع |
| "رڃو موٽي آيو" | " | " آگسٽ ١٩٨٢ع |
| "نصيحت" | " | " سيپٽمبر ١٩٨٥ع |

ادل سومرو :

---

عبدالڪريم عرف ادل سومرو ولد محمد صالح ١٥ - آگسٽ ١٩٥٥ع تي سکر شهر ۾ پيدا ٿيو. ١٩٧٧ع ۾ ايم - اي معاشيات ۽ ١٩٧٩ع ۾ ايم - اي سنڌي ۾ ڪيائين. هن وقت تعليمي کاتي ۾ سنڌي ءَ جو ليڪچرار آهي. ادل نه صرف هڪ بهترين شاعر آهي پر نثر نويس پڻ آهي (١).

ٻاراڻي ادب جي واڌاري لاءِ هن جيڪا قلمي ڪوشش ڪئي آهي ان جو وچور هيٺ ڏجي ٿو.

(الف) ڪتاب

| | موضوع | سال |
|---|---|---|
| "روشن راهبر" | ٻارن جي شاعري | ١٩٧٧ع |
| "آڇر جا احوال" | ٻارن لاءِ ڪهاڻيون | ١٩٧٩ع |
| "چنڊ پشم گولو" | ٻارن لاءِ شاعري | ١٩٧٩ع |
| "پتلين جو تماشو" | " | ١٩٨٢ع |

---

(١) هي معلومات خط ذريعي ٦-٨-١٩٨٥ع تي حاصل ڪئي ويئي.

Gul Hayat Institute

| ڪتاب موضوع | موضوع | | سال |
|---|---|---|---|
| "ناني ، ماني ۽ مان" | نظم | گلن جهڙا ٻارڙا ڪراچي | فيبروري ٧٦ع |
| " نئين سال جو نظم " | " | " | " |
| "ٻور ڪليئي ٻڪ ۾ " | " | " | آگسٽ ١٩٧٥ع |
| "ڏياريءَ جو ڏڻ " | " | " | سيپٽمبر ١٩٧٥ع |
| "عيد اُڀري آئي " | " | " | آڪٽوبر ١٩٧٥ع |
| "نانيءَ جي تاس آچر جي آس " | " | " | نومبر ١٩٧٥ع |
| " گيچ " | گيچ | " | نومبر ١٩٧٥ع |
| "لولي " | گيت | جوت پبليڪيشن حيدرآباد | ١٩٧٨ع |
| "اسڪول " | نظم | ٻالڪ حيدرآباد | آڪٽوبر ١٩٧٩ع |
| "پنسولڊ ۽ پٽ تان " | " | " | " |
| "پتلين جو تماشو " | " | " | " |
| "چنڊ ماما ڪوجھڪ " | " | " | " |
| "شي تنهنجو سڌ " | " | روشن تارا حيدرآباد ـ | اپريل ٨٣ع |
| " منهنجا گيت " | | گلستان احمد آباد انڊيا | ڊسمبر ١٩٨١ع |
| "سبق پهريون " الواڪ " | | ماهوار گل ڦل ڄامشورو ، | جنوري ١٩٧٧ع |
| "سبق ٻيون " ب بنگلو" (نئون نصاب) | " | " | " |
| "سبق ٽيون " ٻ ٻار " | " | " | " |
| "سبق چوٿون " ڀ ڀت " | " | " | " |
| "سبق پنجون " ت تاج " | " | مئي | ١٩٧٧ع |

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute www.drpathan.com Page # 212



| ڪتاب | موضوع | سال |
|---|---|---|
| "سبق ڇهون " ٿ ٺورو " | ماهوار گل ڦل ڄامشورو | جون ١٩٧٧ع |
| "سبق ستون " ٽ ٽوپي " | " | جولاءِ " |
| "سبق اٺون " ٺ ٺڪر " | " | آگسٽ " |
| "سبق نائون " ث ثواب " | " | سيپٽمبر " |
| "سبق ڏهون " پ پاٽي " | " | آڪٽوبر " |
| "سبق يارهون " ج جتي " | " | نومبر " |
| "سبق ٻارهون " ڄ ڄڀ " | " | ڊسمبر " |
| "مرڪون موٽيون ماڪ تي " | نظم | آگسٽ ١٩٧٦ع |
| "ادل جا بيت " | " | جنوري فيبروري ١٩٧٧ع |
| "چنڊ، چوڙ، مور " | " | مارچ ١٩٧٨ع |
| "مامي ملوڪ جي شادي " | " | سيپٽمبر ١٩٧٩ع |
| "ڏينجهر جو راڻو " | " | آڪٽوبر " |
| "سائنس جا احسان " | " | ڊسمبر " |
| "عيد ملهايون " | " | جون ١٩٨٠ع |
| "چانڊيءَ جو چنگ " | " | نومبر ڊسمبر ١٩٨١ع |
| "من سنهيو ميلي تي " | " | جنوري ١٩٨٢ع |
| "ڳاڀڻ جي ڳوٺ " | " | فيبروري مارچ ١٩٨٣ع |
| "زبان جو ترڪڻ " | ڪهاڻي | اپريل " |
| "آزاديءَ کان پوءِ سنڌيءَ ۾ ٻاراڻو ادب " | | جون ١٩٨٤ع |

Gul Hayat Institute

| ڪتاب | موضوع | | | سال |
|---|---|---|---|---|
| "جهن جمالي پلو ٺپالي" | نظم | ماهوار گل ڦل | سيپٽمبر | ١٩٨٥ع |
| "ناني ڻاني" | " | " | آڪٽوبر | " |
| "سونو پلو ڏهن ڪي مليو" | " | " | نومبر | " |
| "ڦيني ماڻهو" | " | " | ڊسمبر | " |
| "چوڙائي جو هوڪو" | " | " | جنوري | ١٩٨٦ع |
| "ٻنسولڊ مٻيٽستان" | " | ماهوار ٻالڪ | | ١٩٧٩ع |
| "چنڊ ماما ڪوجڪ" | " | " | | " |
| "پوڙهو چنڊ" | " | " | آڪٽوبر نومبر | ١٩٦٨ع |

ارباب علي "عادل" چوهاڻ :

---

ارباب علي "عادل" چوهاڻ ٢٠ مئي ١٩٥٧ع تي شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. بي-اي ڪئي اٿس(١) ٻارائي ادب جي موضوع تي سندس لکڻين جو وچور هيٺ ڏجي ٿو.

مختلف رسالن ۾ ڇپيل مواد :

| | | | |
|---|---|---|---|
| "غريب جي آس" | ڪهاڻي | هفتيوار سنڌ سجاڳ جيڪب آباد | ١٩٨١ع |
| "افسانه دل" | " | گلزار پبليڪيشن شڪارپور ڪتاب ٥ | |

---

(١) هي ڄاڻ معلومات "ذات - ذڻين جي رٿا" جي قلمي پورهئي واري رڪارڊ نمبر ٢١ مان ورتي وئي.

| | | |
|---|---|---|
| " اخلاق نبوي " | مضمون | روزانه ناظم شڪارپور ١٩٨١ع |
| " ماچس " | " | هفتيوار سنڌ سجاڳ مارچ ١٩٨٢ع |
| " صفائي اڌ ايمان آهي " | " | هفتيوار شان پاڪستان شڪارپور ٨٦ع |

استاد بـخـاري :

---

استاد بخاريءَ جو پورو نالو احمد شاهه ولد حاجي شاهه بخاري ١٦ جنوري ١٩٣٠ع تي ضلعي دادو جي هڪ ڳوٺ " غلام چانڊيو " ۾ ڄائو . تعليمي لحاظ کان ايم-اي ايم ايڊ آهي . پاڻ هن دور جا ناميارا شاعر آهن . هن وقت بڳري ڪاليج دادو ۾ پروفيسر آهي(١) ٻاراڻي ادب جي اوسرلاءِ ڪيل سنڌس خدمتن جو ڳاڻو هن ريت آهي .

ڪتاب جو نالو

| | موضوع | سال |
|---|---|---|
| " هي گيت گلابي ٻارن جا " | شاعري | ١٩٨٠ع |
| " ٻاراڻا گيت " | " | ١٩٨١ع |

اسماعيل بن واصف :

---

محمد اسماعيل ولد محمد بخش واصف ٣ جون ١٩٣١ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو . ادبي ماحول ~~مندس~~ ڪيس والد (مدرس) کان ورثي ۾ مليو هو . ٻاراڻي ادب جي واڌاري

---

(١) هي علومات " ذات ذٿين جي رتا " جي قلمي پورهئي واري رڪارڊ نمبر ١٢٢ مان مرتب ڪيل آهي .

Gul Hayat Institute

لاءِ هن جيڪا قلمي ڪوشش ڪئي آهي ان جو وچور هيٺ ڏجي ٿو (١)

ڪتاب جو نالو

| ڪتاب جو نالو | موضوع | سال |
| --- | --- | --- |
| "سونهري ڪل" | ڪهاڻي | ١٩٦٧ع |
| "بادشاهه جو خواب" | " | " |
| "نيڊر مجاهد" | " | " |
| "پلوٺ" | " | ١٩٦٨ع |
| "جانورن تي رحم ڪجي" | " | " |

اڪبر جسڪاڻي :

---

## اڪبر جسڪاڻي

اڪبر جسڪاڻي ولد حاجي جام جسڪاڻي پهرين سيپٽمبر ١٩٥٨ع تي جوهي ۾ پيدا ٿيو. انٽر تائين تعليم حاصل ڪئي اٿس ١٩٨٣ع ۾ ماهوار گل ڦل رسالي جو ايڊيٽر انچارج مقرر ٿيو ۽ هن وقت به ماهوار گل ڦل رسالي جي ذميواري سنڌ سرحوالي آهي (٢) ٻاراڻي ادب جي واڌاري لاءِ هن جيڪا قلمي ڪوشش ڪئي آهي ان جو وچور هيٺ ڏجي ٿو.

(الف) ڪتاب جو نالو

| ڪتاب جو نالو | موضوع | سال |
| --- | --- | --- |
| "گلڙن جهڙا ٻارڙا" | ڪهاڻيون | ١٩٨٠ع |

---

(١) ڊاڪٽر خواجه غلام علي الانا : سنڌي ليکڪن جي ڊائريڪٽري " انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، ص ٢٦

(٢) هي علومات محترم اڪبر جسڪاڻي کان ٩-٦-١٩٨٥ع تي روبرو ورتي ويئي.

| ڪتاب جو نالو | موضوع | سال |
|---|---|---|
| "رمون پيٽي " | ڪهاڻيون | ١٩٨٢ع |
| "ٻڌين واري ناني " | بايوگرافيڪل ناولٽ | ١٩٨٥ع |
| ڌيرو حجم " | ڪهاڻيون | ١٩٨٦ع |

(ب) رسالن ۾ ڇپيل ڪهاڻين جو وچور :

---

| | | |
|---|---|---|
| " وقت ۽ وير " | | |
| " بنا عنوان جي " | ڪهاڻي | ماهوار گل ڦل آگسٽ ١٩٧٧ع |
| " ظلم، محبت ۽ قطرو " | " | " جولاءِ ١٩٧٨ع |
| " ٻڌين واري ناني " | " | " ڊسمبر ١٩٧٨ع |
| | " | نئون نسل جوت پبليڪيشن حيدرآباد ١٩٧٨ع |
| " بنا عنوان جي " | " | ماهوار گل ڦل جون ١٩٧٩ع |
| " بنا عنوان جي " | " | " آگسٽ ١٩٨٠ع |
| " ڇوواٽو " | " | " سيپٽمبر ١٩٨٠ع |
| " بابا ڪنهن کي چوان " | " | " جنوري ١٩٨١ع |
| " بنا عنوان جي " | " | " اپريل ١٩٨١ع |
| " لڏا پٽن لوڪ ۾ " | " | " جولاءِ ١٩٨١ع |
| " بنا عنوان جي " | " | " سيپٽمبر ١٩٨١ع |
| " رمون پيٽي " | " | " نومبر ڊسمبر ٨٢ع |
| " وئيڊيشن " | " | " جنوري ٨٢ع |
| " آنسو، پيار، ڌار " | " | گل ڦل اپريل ١٩٨٤ع |

Gul Hayat Institute

| | | | |
|---|---|---|---|
| "انٽرويو (شمس الدين)" | انٽرويو ڌهاڙي | گل ڦل آگسٽ | ١٩٨٤ع |
| "اڻ پڇتو" | کهاڻي | " آگسٽ | ١٩٨٤ع |

الطاف حسين جوکيو :

---

الطاف حسين جوکيو ولد محبوب علي جوکيو ٢٢ نومبر ١٩٦٤ع تي محراب پور جنڪشن ضلعو نواب شاهه ۾ پيدا ٿيو. ٻاراڻي ادب جي واڌاري لاءِ هن جيڪا قلمي ڪوشش ڪئي آهي ان جو وچور هيٺ ڏجي ٿو(١) .

| ڪتاب جو نالو | موضوع | سال |
|---|---|---|
| "مرڪين مالها" | ڏهاڙيون | ١٩٨٠ع |
| "نهراءُ" | " | ١٩٨١ع |

مختلف رسالن ۾ ڇپيل مواد :

---

| | | | |
|---|---|---|---|
| "ٻگ ٻين" | ڏهاڙي | ماهوار گل ڦل اپريل | ١٩٧٤ع |
| "ڏهاڙي" | نظم | " مارچ | ١٩٨١ع |
| "نيرڙا پايون" | " | " جون | ١٩٨٤ع |
| "وائي" | " | " جون | ١٩٨٤ع |
| "منهنجي پاليل ڪڪڙ" | " | " اپريل | ١٩٧٤ع |
| "منهنجو گهوڙو" | مضمون | " جون | ١٩٧٤ع |

---

(١) هي معلومات خط جي ذريعي ورتي وئي .

Gul Hayat Institute

| | | | |
|---|---|---|---|
| "حافظ" " | مضمون | ماهوارڪل ڦل | آگسٽ ۱۹۷۴ع |
| "پلاسٽڪ" " | " | " | سيپٽمبر ۱۹۷۴ع |
| "وڏائي جي سزا" " | ڪهاڻي | " | آگسٽ ۱۹۷۵ع |
| "منهنجي پيوري" " | نظم | " | نومبر ۱۹۷۵ع |

الطاف سومرو :

---

الطاف سومرو ولد قادر بخش سومرو ۱۵ - اپريل ۱۹۶۴ع تي داد لغاري مير پور ماٿيلو ضلعو سکر ۾ ڄائو . هن وقت چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻي جو شاگرد آهي . "گلشن داد لغاري پبليڪيشن " قائم ڪري ٻاراڻي ادب جا ڪتاب شايع ڪري رهيو آهي(۱) .

ڪل ڦل رسالي ۾ شايع ٿيل مواد:

| | | | |
|---|---|---|---|
| "لوپ" " | ڪهاڻي | گلن جهڙا ٻار | سيپٽمبر ۱۹۷۷ع |
| "ڪلوروفل" " | سائنسي مضمون | ماهوارڪل ڦل | جولاءِ ۱۹۷۹ع |
| "فلم پروجيڪٽ" " | " | " | جولاءِ ۱۹۸۰ع |
| "ريڊار" " | " | " | نومبر ڊسمبر ۸۲ع |
| "چنڊ ۽ چنڊ گرهڻ" " | " | " | آگسٽ ۱۹۸۵ع |
| "اڏوهين آسون" | ڪهاڻي | پوپٽ پبليڪيشن | ۱۹۸۰ع |

الطاف شيخ :

---

الطاف شيخ ولد گل محمد شيخ ۱۴ نومبر ۱۹۴۴ع تي هالا نوان ۾ پيدا

---

(۱) هي معلومات خط جي ذريعي ورتي ويئي .

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute www.drpathan.com Page # 221

| | | |
|---|---|---|
| "عيد" | ڪهاڻيون | روزانه آفتاب حيدرآباد ٣ جولاءِ ١٩٨٥ ع |
| "نظم" | " | " |
| "-----" | | |
| "سنڌي ڇولي" | نظم | " ١٢ - آگسٽ ١٩٨٢ع |
| "ڌرتي ءَ جا معمار" | " | " ٢٧ سيپٽمبر ١٩٨٢ع |
| "ديس سان محبت" | " | " ١٠ فبروري ١٩٨٣ع |
| "محنت ڪر" | " | " ٧ مارچ ١٩٨٣ع |
| "پيارا ٻار" | " | " ٩ مئي ١٩٨٣ع |
| "علم سان پيار" | " | " ٢٧ جون ١٩٨٣ع |
| "شان ديس جو" | " | " ٤ جولاءِ ١٩٨٣ع |
| "سهڻا ٻار" | " | " ١ - آگسٽ ١٩٨٣ع |
| "ڏيئو" | " | " ٨ - آگسٽ ١٩٨٣ع |
| "سچ سان ساٿ نڀايو" | " | " ٢٩ - آگسٽ ١٩٨٣ع |
| "سنڌي ٻار" | " | " ٥ ڊسمبر ١٩٨٣ع |
| "مطلب جو زمانو" | " | " ٢٤ آڪٽوبر ١٩٨٣ع |
| "ننڍڙو ٻار" | " | " ٢٠ - آگسٽ ١٩٨٤ع |
| "ٻالڪ ٻار" | " | " ٣ سيپٽمبر ١٩٨٤ع |
| "عيد" | " | " ١٠ سيپٽمبر ٨٤ع |
| "هاري" | " | " ٢٢ آڪٽوبر ١٩٨٤ع |
| "سيڙو" | " | " ٣ جون ١٩٨٥ع |

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute www.drpathan.com Page # 222

| | | | |
|---|---|---|---|
| "ذهن جا هي بار" | روزانہ آفتاب حيدرآباد | ۸ سيپٽمبر | ۱۹۸۶ع |
| "ٺيڙو" | " | ۱۵ سيپٽمبر | ۱۹۸۶ع |

طنز و مزاح :

| | | | |
|---|---|---|---|
| "پائو پوڊ جون ڳالهيون" | روزانہ آفتاب حيدرآباد | ۲۸ جنوري | ۱۹۸۵ع |
| " | " | ۴ فيبروري | " |
| " | " | ۱۱ مارچ | " |
| " | " | ۲۵ مارچ | " |
| " | " | ۱۱۵اپريل | " |
| " | " | ۱۳ مئي | " |
| " | " | ۲۰ مئي | " |
| " | " | ۳ جون | " |
| " | " | ۲۴ جون | " |
| " | " | ۱ ـ جولاءِ | " |
| "مضمون" | " | ۲۷ نومبر | " |
| "عظيم شاعر" | " | ۲۴ سيپٽمبر | " |
| "امام حسين عليہ السلام" | " | | |

Gul Hayat Institute

الاهي بخش ٻانيس :

الاهي بخش ٻانيس ولد محبت خان ڳوٺ نيرواړو تعلقي ٿري ميرواهہ ضلع خيرپور ميرس ۾ ۱ ـ جولاءِ ۱۹۵۹ع تي جنم ورتو. پاڻ ۱۹۸۳ع ۾ سنڌ يونيورسٽي

Gul Hayat Institute www.drpathan.com Page # 223

جي شاهه لطيف واري ڪيمپس مان عالمي لاڳاپن جي شعبي ۾ ايم-اي پاس ڪيائين. ان
ئي سال سراب ڪاسٽنگ جي ٽريننگ وارو ڪورس پاس ڪيائين ۽ هاڻ ريڊيو اسٽيشن حيدرآباد
۾ پروڊيوسر جي عهدي تي ڪم ڪري رهيو آهي (١) ٻارائي ادب جي واڌاري لاءِ هن جيڪا
قلمي ڪوشش ڪئي آهي ان جو وچور هيٺ ڏجي ٿو.

(الف) ڪتاب

| | موضوع | سال |
|---|---|---|
| "قانون جي ڪاهه" | ڪهاڻيون | جنوري ١٩٨٥ع |

(ب) مختلف رسالن ۾ ڇپيل مواد :

| | | | |
|---|---|---|---|
| "راند ڪن سان رهاڻ" | ڪهاڻي روزانه هلال پاڪستان | ١٤ فيبروري | ٨٤ |
| "ٻيلي ۾ ملاڪڙو" | " | " ١٧-اپريل | ١٩٨٤ع |
| "ميلاپ" | " | " ٢٤-اپريل | ١٩٨٤ع |
| "لالچي واپاري" | " | " ٨ مئي | ١٩٨٤ع |
| "شهزاد و ورچ" | " | " ٢٢ مئي | ١٩٨٤ع |
| "سلڇڻي پري" | " | " ١٩ جون | ١٩٨٤ع |

Gul Hayat Institute

امداد حسيني :

سيد امداد علي شاهه ولد سيد فضل محمد شاهه حسيني ٢ مارچ ١٩٤٠ع
تي ٺٽ ۾ پيدا ٿيو. ايم-اي تائين تعليم حاصل ڪيائين. هن وقت سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ

---

(١) هي معلومات محترم الاهي بخش ٻانيڇ کان ٥-٨-١٩٨٥ع تي روبرو ورتي
ويئي.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com Page # 224



بورڊ ڄامشورو ۾ ملازمت ڪري رهيو آهي(١) پاڻ اڪثر ٻارن لاءِ شاعري ڪندو آهي پر ٻارن کي به نظرانداز نه ڪيو اٿس . ٻاراڻي ادب جي اوسر لاءِ ڪيل سندس خدمتن جو ڪاٿو ڪرڻ ڏکيو آهي .

رسالن ۾ ڇپيل مواد :

---

| | | | |
|---|---|---|---|
| "منهنجو پٽ" | نظم | "ماھ ينا گل" اداره گلشن | ١٩٦٧ع |
| "منهنجو ڪينهو" | " | ماھوار گل ڦل سيپٽمبر | ١٩٥٩ع |
| "ننڍڙن کي نصيحت" | " | " مئي ۽ جون | ١٩٦١ع |
| "الولي" | " | " جولاءِ | ١٩٧٥ع |
| "اجوڪو ٻار" | " | " جنوري فيبروري | ١٩٧٦ع |
| "ٻارن لاءِ گيت" | " | " ڊسمبر | ١٩٧٧ع |
| "ٻار ڪيرو گهوٽ ٿئين او" | " | اجورو چنگ پبليڪيشن سن | ١٩٧٨ع |
| "ٻهراڙيءَ جو ٻار" | " | ماھوار گل ڦل مارچ | ١٩٨٣ع |
| "چيڙلي راند" | | ٻارڙا گيت | ١٩٨١ع |
| "ڦدوڙائي اڳتي ھل" | " | | ١٩٨١ع |
| "خوب نه آهي محڪوميءَ مجبور" | " " | | ١٩٨١ع |

اياز پاتولي :

---

اياز پاتولي عرف محمد هاشم ولد عبدالله پاتولي ١٢ - اپريل ١٩٤٤ع

---

(١) الانا غلامعلي : "سنڌي ليکڪن جي ڊائريڪٽري" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ، ڄامشورو ، ص ٢٨

Gul Hayat Institute www.drpathan.com Page # 225

ٿي ننڍو محمد خان ۾ ڄائو. سنڌي فائينل ۽ سنڌي ۽ انگريزي ڇهه درجا پڙهيا اٿس هن وقت ننڍي محمد خان ۾ هينڊي ڊرافٽ جو دوڪان هلائيندو آهي.

هن صاحب ڪجهه وقت اڳ "اداره گلشن ادب" (ننڍو محمد خان) قائم ڪري ٻارن ۾ علمي ۽ ادبي شوق پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ان کان سواءِ ١٩٦٠ع ۾ "بزم گلشن" نالي ٻارن جي جماعت جو بنياد رکيائين. انهن عملي ڪوشش کان علاوه هن ٻاراڻي ادب جي اوسر لاءِ قلمي ڪاوشون به ڪيون آهن جن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو (١).

| ڪتاب جو نالو | موضوع | سال |
| --- | --- | --- |
| "هيرن جو هار (مرتب) | متفرقه | ١٩٥٨ع |
| "گلابي مکڙيون" | " | " |
| "غيبي خزانو" | " | " |
| "گلڙن جو گلدستو" | " | " |
| "ماکيءَ موتي" | " | " |
| "سڳنڌ" | " | ١٩٥٩ع |
| "ٽڙيل گل" | " | " |
| "ڪرامتي تختي" | " | " |
| "همراز" | " | ١٩٦٠ع |
| "ڏهه شهزاديون" | " | " |

---

(١) هي معلومات محترم اياز پاتولي ۽ کان ٤-٥-١٩٨٥ع تي روبرو ورتي ويئي.

Gul Hayat Institute

| ڪتاب جو نالو | موضوع | سال |
|---|---|---|
| " نرڙيل گل " | متفرقه | ١٩٦٠ع |
| " پنکڙيون " | " | " |
| " ازامند زگهوڙو " | " | " |
| " گلشن جا گل " | " | " |
| " مغرور باد شاهه " | " | ١٩٦١ع |
| " روشن تارا " | " | " |
| " گل ۽ مکڙيون " | " | " |
| " ڪنول شهزادي " | " | " |
| " موتئي جون مکڙيون " | " | " |
| " معصوم محمود ه " | " | " |
| " هيرا موتي " | " | " |
| " حيرت انگيز هيرو " | " | ١٩٦٢ع |
| " ڪڙيا ڪشمار " | " | " |
| " عجب اسرار " | " | " |
| " چمڪند ز ستارا " | " | " |
| " گامون سچار " | " | " |
| " ٻاڙ وهيٺي ٻري " | " | ١٩٦٣ع |
| " هيرا لعل هزار " | " | " |
| " چنيه لکنو " | " | " |

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute www.drpathan.com Page # 227

| ڪتاب جو نالو | موضوع | سال |
| --- | --- | --- |
| "جوت" | متفرقه | ١٩٦٣ع |
| "گلدستو" | " | " |
| "بخت جي واپسي" | " | " |
| "شهد وعنبر" | " | " |
| "خير راڻي" | " | " |
| "رات راڻي ڊائجيسٽ" | " | " |
| "پنڊيون ۽ جهونا" | " | " |
| "سونو ڪڪر" | " | " |
| "الا مند ڙگهوڙو" | " | " |
| "پاسبان وطن" | " | ١٩٦٤ع |
| "المهماتڊ" | " | ١٩٦٧ع |
| "هيرو پٽر" | " | " |
| "ماڊ ينا گل" | " | " |
| "جيڏانهن پير تيڏانهن خير" | " | " |
| "هرند ژنڊيٺا" | " | " |
| "قيمتي ڏهاڙيون" | " | " |
| "دوستي ءَ جو شهزادو" | " | ١٩٦٩ع |
| "جپاني گڏي" | " | " |
| "چانداڻ" | " | " |

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute www.drpathan.com Page # 228



| ڪتاب جو نالو | موضوع | سال |
|---|---|---|
| "ڏرامتي تختي" | متفرقه | ١٩٦١ع |
| "ناٽائو نينگر" | " | " |
| "چوبنڊيل گل" | " | " |
| "اميد جا ڏيئا" | " | " |
| "ڦول راڻي" | " | " |
| "بخت جي بازي" | " | " |
| "عجب دنيا تنهنجا رنگ" | " | ١٩٧٨ع |
| "بخت سان ڏنهن جي ريس" | " | " |
| "اميد جا ڏيئا" | " | ١٩٧٩ع |
| "حور بغداد" | " | " |
| "گامون جي گفتار" | " | ١٩٨٠ع |
| "سرها گل گلاب جا" | " | ١٩٨٥ع |

Gul Hayat Institute

ايازگل :

ايازگل ولد رجبعلي دل ٦ مارچ ١٩٥٩ع تي سکرسنڌ ۾ پيدا ٿيو. ايم-اي سنڌي، ايم-اي انٽرنيشنل رليشن ۽ ايل ايل بي ڪئي اٿس. هن وقت تعليم کاتي ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ليڪچرار آهي.

ايازگل ناميارن نوجوان ليکڪن ۽ شاعرن مان هڪ آهي. سنڌ س شاعري کي فن خواهه فڪر جي لحاظ کان پسند ڏيو وڃي ٿو. هن باراي ادب سان ـ

اضافو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي(١) . انهيءَ سلسلي ۾ ٻارن لاءِ لکيل سندس شاعري جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

(الف) ڪتاب

---

"گل ۽ تارا" (ٻارن لاءِ گيت) شاعريءَ جو ڪتاب ١٩٧٩ع

(ب) مختلف رسالن ۾ ڇپيل مواد :

---

| | | | |
|---|---|---|---|
| "ديس جي عظمت جا اهڃاڻ" | نظم | ماهوار گلن جهڙا ٻارڙا ڪراچي | آڪٽوبر ١٩٧٥ع |
| "اچي مڙو هڪ ماڪ ٻارو" | " | " | جنوري ١٩٧٥ع |
| "گلن جهڙا ٻارڙا" | " | گلشن ادب سلسلو ننڊو محمد خان | سيپٽمبر ١٩٧۴ع |
| " | دوها | گلن جهڙا ٻارڙا ڪراچي | جنوري ١٩٧٦ع |
| "جمالو" | گيت | " | مئي جون ١٩٧٦ع |
| "منهنجي ديس جا واءُ" | نظم | " | سيپٽمبر-آڪٽوبر ١٩٧٦ع |
| "دودو ۽ چنيسر" | قطعو | " | مارچ " |
| " | | گلشن پبليڪيشن مير پور ماٿيلو | آگسٽ ١٩٧٦ع |

---

(١) هي معلومات سنڌ الاجيءَ ۾ "ذات ذٿين جي رتا" پتاند ريءِ رکيل سندس علمي، ادبي ۽ ثقافتي خدمتن جي رڪارڊ نمبر ١٣٢ مان ورتي وئي آهي.

Gul Hayat Institute

"پهروپي"

| | | |
|---|---|---|
| "جوت جلندي رهي" | آزاد نظم / گيت | ماهوارگل ڦل ڄامشورو آگسٽ ١٩٧٧ع جوت پبليڪيشن خيرپور ۽ نئين جوت پبليڪيشن ڊسمبر ١٩٧٦ع ۽ فيبروري ٨٢ع |
| "گل ڦل ڦهلائي سرهاڻ" | " | |
| "گل جا گيت" | " | ماهوارگل ڦل ڄامشورو جنوري فيبوري ٧٧ع " ۽ روزانه هلال پاڪستان ڪراچي سيپٽمبر ۽ مارچ ١٩٧٧ع |
| "اهڙو رنگ رچايو" | نظم | ماهوارگل ڦل جهڙا ٻارڙا ڪراچي آڪٽوبر ١٩٧٥ع |
| "ٻڪوامان ڪي ڇايو" | گيت | ماهوارگلن جهڙا ٻارڙا ڪراچي ۽ ماهوار ڦلواڙي (انڊيا) نومبر ١٩٧٥ع ۽ جولاءِ ١٩٨١ع |
| "هيءَ جي لکان گيت" | " | ماهوارگلن جهڙا ٻارڙا ڪراچي جنوري ١٩٧٦ع |
| " " | نظم | " فيبروري ١٩٧٦ع |
| "گڏي گڏيءَ جي شادي" | گيت | " مارچ ١٩٧٦ع |
| "سهڻو پنهنجو آ سنسار" | نظم | ڏياٽي پبليڪيشن لاڙڪاڻو ۽ ڪونڌر ڪتاب سلسلو-٢ جون ١٩٧٦ع |
| "شال سدائين جڳ جڳ جرڪن" | " | ماهوارگلن جهڙا ٻارڙا ڪراچي ۽ هفتيوار گنج روزانو هلال پاڪستان ڪراچي مئي، جون ۽ ٻارڙا گيت ۴-جون ١٩٧٦ع |
| " " | ٿيڙو | گلن جهڙا ٻارڙا ڪراچي نومبر ١٩٧٥ع |

Gul Hayat Institute

"نيڻو" " ماهوار گلن جهڙا ٻارڙا مارچ ١٩٧٥ع

"مورو" گيت ماهوار گونج حيدرآباد ۾ روزانه "ناظم" شڪارپور

۾ هفتيوار گجپ" روزانه هلال ڪراچي ۾ "لالي"

پبليڪيشن حيدرآباد ۾ پريه پبليڪيشن - ٣

اپريل ١٩٧٨ع

٤ مئي ١٩٨١ع

٢ جولاءِ ١٩٧٦ع

جنوري ١٩٨١ع

آگسٽ ١٩٨٢ع

" " ٻيت ماهوار گلڙن جهڙا ٻارڙا ڪراچي فيبروري ١٩٧٦ع

"ماڻ پنل گل ٻي رنگ پوپٽ" نظم پوپٽ پبليڪيشن خيرپور مئي ١٩٧٨ع

"پنهنجو ديس پيارو" " ماهوار گل ڦل ڄامشورو مئي ١٩٧٨ع

"دلپنا" " هفتيوار گجپ روزانه هلال ٢٠ جون ١٩٧٩ع

"پوپٽ" گيت پوپٽ پبليڪيشن خيرپور جون ١٩٨٠ع

"دعا" گيت گل ڦل ڄامشورو ۾ روشن تارا گيت ۾ ٻول

سگا ڪراچي ڊسمبر ١٩٧٨ع

اپريل ١٩٨٣ع

اپريل ١٩٧٩ع

"سڄي سون ڌرتي" نظم هفتيوار گج ب، روزانه هلال ٤ جولاءِ ١٩٧٩ع

Gul Hayat Institute

| | | | |
|---|---|---|---|
| "ڀيڻين جي ڳوٺ" | گيت | ماهوار گل ڦل ڄامشورو | مئي ١٩٧٩ع |
| | | سرهاڻ پبليڪيشن-٣ | جولاءِ ١٩٨١ع |
| | | ماهوار گلستان انڊيا | فيبروري ١٩٨٣ع |
| | | ٻالڪ ڪتابي سلسلو | آڪٽوبر ١٩٧٩ع |
| "چڙيا گھر جو سير" | نظم | ماهوار گلستان (انڊيا) | جولاءِ ١٩٨١ع |
| | | ماهوار گل ڦل ڄامشورو | فبروري ١٩٨٣ع |
| | | ٻالڪ ڪتابي سلسلو | آڪٽوبر ١٩٧٩ع |
| "ٽانڊاٿو" | گيت | هفتيوار گجُ | ١٦ مئي ١٩٧٩ع |
| | | روزانه هلال ڪراچي | |
| "ماءُ" | نظم | " | ٩ مئي ١٩٧٩ع |
| "لولي" | گيت | ماهوار گل ڦل ڄامشورو | آگسٽ ١٩٧٩ع |
| "مولا سائين" | " | هفتيوار گجُ | ١٣ جون ١٩٧٩ع |
| | | هلال پاڪستان ڪراچي | |
| "ننڍ پري" | نظم | ماهوار ڦلواري (ڪرمڪي) | نومبر ١٩٨١ع |
| | | انڊيا هفتيوار گجُ | ٣٠ مئي ١٩٧٩ع |
| | | روزانه هلال ڪراچي. | |
| "مور" | گيت | ماهوار گل ڦل ڄامشورو | اپريل ١٩٨٠ع |
| "سانوڻ رُت" | " | ماهوار ٻالڪ ڄامشورو | آڪٽوبر نومبر ٨٠ع |
| "نوان گل ـ نئين خوشبو (امتياز ڪوڪرسان)" | انٽرويو | ماهوار گلن جهڙا ٻارڙا ڪراچي | ڊسمبر ١٩٧٥ع |

Gul Hayat Institute

اياز قادري :

اياز حسين ولد غلام سرور قادري ١٩ جنوري ١٩٢٤ع تي لاڙڪاڻو ۾ ڄائو. تعليمي لحاظ کان ايماي (سنڌي) ۽ ايل ايل بي ڪئي اٿس. هن وقت شعبه سنڌ ڪراچي يونيورسٽي ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر آهي (١) ٻارن لاءِ لکندو آهي. ٻارن جي ادب جي لاءِ هڪ ڪتاب "پرين جون آکاڻيون" ١٩٨١ع ۾ شايع ٿيو اٿس.

اياز لطيف :

اياز لطيف ولد رسول بخش پليجو ١٥ نومبر ١٩٦٥ع تي حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. هن وقت مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ سول انجنيئر جو شاگرد آهي (٢) ٻاراڻي ادب جي واڌاري لاءِ جيڪا قلمي ڪوشش ڪئي آهي ان جو وچور هيٺ ڏجي ٿو.

| ڪتاب جو نالو | ڪهاڻيون / شعر | سال |
| --- | --- | --- |
| "چمڪندڙ تارو (مرتب) | | ١٩٧٨ع |
| "گجهو خبرنامو" (مرتب) | | " |
| "دريا ٿوتي دانهن" | | " |

Gul Hayat Institute

---

(١) الانا غلام علي : "سنڌي ليکڪن جي ڊائريڪٽر" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ١٩٧٤ع، ص ٢٠

(٢) هي علومات محترم اياز لطيف کان ٨-٩-١٩٨٧ع تي روبرو ورتي ويئي.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com Page # 234



" بهار نيڪ مرڪند و "

آغا تاج محمد خان : ١٩٤٨ع

---

آغا تاج محمد خان ولد عبدالمجيد خان پٺاڻ ١٦ سيپٽمبر ١٩٠٤ع
تي باگرجي ضلعو شڪارپور ۾ ڄائو. ڄار جوگهو حصو تعليمکاتي ۾ ملازمت ڪيائين.
ڪجهه وقت سنڌ يونيورسٽي جو رجسٽرار پڻ ٿي رهيو. سنڌ ۾ وفات ١٠ آڪٽوبر ١٩٥٩ع
تي ٿي (١).

ٻارڙن ادب جي ارتقا جي سلسلي ۾ سنڌي ۾ خد متن کي نظرانداز ڪري
نه ٿو سگهجي. سنڌي لکڻين جو وچور هن ريت ٿئي ٿو.

| ڪتاب جو نالو | موضوع | سال |
|---|---|---|
| " چيدا سبق " | اخلاقيات | ١٩٤٧ع |
| " اخلاقي سبق " | " | " |
| " ٻارڙن ڳالهيون " | " | " |
| " نيڪ نصيحتون " | " | " |

Gul Hayat Institute

آغا قيوم :

---

آغا قيوم ولد آغا عبدالڪريم مغل پٺاڻ ١٨ مارچ ١٩٦٢ع تي شڪارپور
سنڌ ۾ ڄائو. انٽر سائنس جي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ واپڊا حيدرآباد ۾ ڪمرشل

---

(١) الانا غلام علي : " سنڌي ليکڪن جي ڊائريڪٽري " انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي،
١٩٧٤ع، ص ٢٣

Gul Hayat Institute www.drpathan.com Page # 235

ڪالارڊ جا فرائض سرانجام ڏيئي رهيو آهي . " لالي پبليڪيشن " جا بانيءَ مرتب ڪري ڇڏيو آهي . سنڌي ٻارڙن ادب جي واڌاري لاءِ هن وقت به ڪوشش ڪري رهيو آهي (١) سنڌ سرڪتابن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو .

ڪتاب جو نالو

| | سال |
|---|---|
| " واهڻ واهڻ وڻ " | ١٩٨٥ع |
| " سنڌ جو سفرنامو " | ١٩٨٥ع |

بشير احمد ڀٽي :

---

بشير احمد ڀٽي ولد غلام مرتضيٰ ڀٽي ١٨ جنوري ١٩٥٠ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ جائو . ايم.اي پوليٽيڪل سائنس ، ايم.اي انٽرنيشنل رليشن ۽ ايل ايل بي ڪئي اٿس . هن وقت سنڌ يونيورسٽي جي زولاجي ڊپارٽمينٽ ۾ ميوزيئم اسسٽنٽ آهي . روزانه عبرت اخبار جو سب ايڊيٽر پڻ آهي . سنڌس والد غلام مرتضيٰ ڀٽيءَ جي رسالي " گلستان " کي ١٩٧٥ع ۾ وري جاري ڪيائين . هن وقت ڪماٽي ، پبليڪيشن قائم ڪري ٻارڙن ادب ۾ اضافو ڪري رهيو آهي (٢) سنڌس لکڻين جو وچور هيٺ ڏجي ٿو .

Gul Hayat Institute

---

(١) هيءَ معلومات محترم آغا قيوم کان ٣-٦-١٩٨٦ع تي روبرو ورتي ويئي .

(٢) هيءَ معلومات محترم بشير احمد ڀٽيءَ کان ٥-٦-١٩٨٥ع تي روبرو ورتي ويئي .

Gul Hayat Institute www.drpathan.com Page # 236

| ڪتاب جو نالو | موضوع | سال |
|---|---|---|
| "پولڙاءِ چنبا" | ڪهاڻي | ١٩٨٢ع |
| "آڱوٺي جيڏو ڇوڪرو" | " | " |
| "برف جي شهزادي" | " | ١٩٨٣ع |
| "پٺاڻن جو ميٺهن" | " | " |
| "ننڍي ففتي" | " | " |
| "مگرمڇن جو بادشاهه" | " | " |
| "سندباد سيلاني جا ست سفر" | " | " |
| "مهاٽوءَ جن" | " | ١٩٨٤ع |
| "ٽي ڀينرون" | " | " |
| "بندر و جادوگر" | " | " |
| "چرچن جي چٽني" | " | " |
| "ڀانچي جو ناچ" | " | " |
| "ڪليلا و دمنه (ترجمو)" | " | ١٩٨٤ع |

Gul Hayat Institute

بشيراحمد شاد :

---

پروفيسر بشيراحمد شاد ولد محمد پناهه ۴-اپريل ١٩۴٢ع تي شڪارپور سنڌ ۾ ڄائو. ايم-اي بي ايڊ جي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ سرڪاري نوڪري ۾ شموليت اختيار ڪيائين. هن وقت تائين ٻاراڻي ادب جي موضوع تي اسلامي معلومات تي مبني فقط هڪ ڪتاب "الله سائين جي ڳالهه" ١٩٧٩ع ۾ شايع ڪيائين (١٠)

---

(١) هي معلومات خط جي ذريعي ٢٠-٧-١٩٨٥ع تي ورتي ويئي.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com Page # 239

منصور علي عرف پروانو سيوهاڻي ولد غلام محمد سومرو ٢ جولاءِ ١٩٥٨ع تي سيوهڻ ضلع دادو ۾ ڄائو. سنڌس تعليم ست درجا سنڌي آهي. سرهاڻ پبليڪيشن جو مالڪ آهي. ديترائي ٻاراڻي ادب جا ڪتاب شايع ڪري چڪو آهي (١) سنڌي ٻاراڻي ادب جي واڌاري لاءِ جيڪا ڪوشش ڪئي اٿس ان جو وچور هيٺ ڏجي ٿو :

| ڪتاب جو نالو | موضوع | سال |
|---|---|---|
| " انڌي فقيرياڻي " | ڪهاڻيون | ١٩٧٩ع |
| " سڄڻي صلاح " | " | " |
| " سرطش " | " | ١٩٨٠ع |
| " سالگره نمبر " | " | " |
| " ساهت سوکڙي " | " | " |
| " حيدر بخش جتوئي نمبر " | سوانح | ١٩٨١ع |
| "گهنگهر گهاريه ڏينهڙا " | ڪهاڻيون | " |
| " منظور شهيد " | سوانح | " |
| " ٨٣ جا ٣ ناٽڪ " | ناٽڪ | ١٩٨٣ع |
| " تماشو " | ڪهاڻيون | ١٩٨٤ع |

(١) هي ءَ معلومات انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۾ " ڏات ڌڻين جي رڪارڊ " پڻاندر ترتيب ڏنل ليکڪ جي قلمي پورهئي واري رڪارڊ نمبر ٣٢٣ مان حاصل ڪئي وئي.

Gul Hayat Institute

جبار آزاد ولد عبدالرحيم منگي پهرين فيبروري ١٩٦٢ع تي نصيرآباد لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو ۰ ايم - اي ايل ايل بي تعليم حاصل ڪئي اٿس ۰ سندس لکڻين جو وچور هيٺ ڏجي ٿو (١) ۰

| | | | |
|---|---|---|---|
| " نمون اسپتال ۾ " | ڏهاڙي | روزانہ هلال پاڪستان | ١٩٨٢ع |
| " نمون شهر ۾ " | " | " | |
| " نمون گهر ۾ " | " | " | |
| " نمون امتحان هال ۾ " | " | " | |
| " نمون ۽ لغز " | " | " | |
| " نمون ۽ تقرير " | " | " | |
| " نمون ۽ ڏينجهر " | " | " | |
| " نمون جو آخري سنيهو " | " | " | |
| " نمون ريل ۾ " | " | " | |
| " ڏک سکن جي سونهن " | " | " | |
| " هو ڏيرآهي " | " | " | |

Gul Hayat Institute

---

(١) هي ۽ علومات انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۽ " ذات ذٽين جي رٽا " جي حوالي سان جبار آزاد منگي جي ترتيب ڏنل قلمي پورهئي ، رڪارڊ نمبر ١٣٩ مان ورتي وئي آهي ۰

| | | | |
|---|---|---|---|
| "صبح ٿيندو (ٽي قسطون)" | ڪهاڻي | هلال پاڪستان | ١٩٨٢ع |
| "سجاڳ ڪارڊ" | " | " | |
| "زهريلا ناگ" | " | " | |
| "عيد ۽ غربت" | " | " | ١٩٨٣ع |
| "اندا اوندا ويچ (به قسطون)" | " | " | " |
| "ڏوڙو ڦٽاڪو" | " | " | ١٩٨٤ع |
| "پنهنجي عيد" | " | " | " |
| "به رپيا" | " | " | " |
| "حسرتن جو قاتل" | " | " | " |
| "روشني" | " | " | " |

ج.ع. منگهاڻي :

-----------

ج - ع منگهاڻي عرف جنت خاتون ڌي عَلي محمد سنڌ ٢٥ ڊسمبر ١٩ع ني ڳوٺ حاجي مريد سنڌ ۾ پيدا ٿي. (١) ٻاراڻ اڪثر ٻارن لاءِ لکندي آهي پر ٻاراڻي ادب کي به اهميت ڏيندي هڪ ڪتاب "پتنگ پريان ڀوڙ" ١٩٨٥ع ۾ لکيو اٿس.

چنا شبير ناز :

---------

شبير احمد ولد مولوي عبدالستار چنا ٢٠ جون ١٩٣٦ع تي شڪارپور سنڌ

-------------------------------------------

(١) هي ڄاڻ معلومات "انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي" ۾ ذات ڏنين جي رڪارڊ جي وحوالي مان ج - ع منگهاڻي جي ترتيب ڏنل قلمي پورهئي رڪارڊ نمبر ٢٦٦ مان ورتي وئي.

پڇائون بي - اي جي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ رينج فاريسٽ جي نوڪري اختيار ڪيائين
اڄ ڪلهه پاڪستان ٽيليويزن ڪارپوريشن ۾ سينئر پروڊيوسر جي عهدي تي فائز آهي ·
پاڻ ٻڌن جي لاءِ ناٽڪ لکندو آهي · ٻاراڻي ادب ۾ ناٽڪ جي صنف جي کوٽ کي محسوس
